Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر:
اعجاز مهر

روزاني

# سنڌيار

ڪراچي

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

| جلد :13 | اڱارو 30 سيپٽمبر 2025ع بمطابق 06 ربيع الثاني 1447هه | شمارو: 352 | قيمت 10 روپيا |
|---|---|---|---|

# روهڙي جنڪشن ريلوي اسٽيشن تي انتظامي ڪوتاهين جو نوٽيس، جاچ ٽيم جوڙي وئي

## ميڊيا رپورٽن تي حرڪت، اعجاز احمد قريشي پاران فوري نوٽيس، مسافرن جي شڪايتن تي سنجيده قدم

## سکر ريجنل آفيس جي سربراهه سميت سينيئر آفيسرن تي مشتمل ٽيم، اسٽيشن جو موقعي تي معائنو ڪندي

## جامع رپورٽ وفاقي محتسب کي پيش ڪئي ويندي، قومي ادارن ۾ جوابدهي ۽ عوامي سهولتن جي يقيني فراهمي لاءِ قدم کنيا ويندا

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) روهڙي جنڪشن ريلوي اسٽيشن ۾ انتظامي ڪوتاهين تي وفاقي محتسب جو فوري نوٽيس، ڪميٽي تشڪيل ڏني وئي. تفصيل موجب، ميڊيا ۾ پاڪستان ريلوي جي روهڙي جنڪشن ريلوي اسٽيشن ۾ سنگين انتظامي ڪوتاهين جي نشاندهي تي وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي فوري نوٽيس ورتو آهي. مسافرن جي مشڪلاتن /**بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29**



۽ عوامي شڪايتن تي حرڪت ۾ ايندي وفاقي محتسب هڪ ٽيم جوڙي آهي جيڪا زميني حقيقتن جو جائزو وٺڻ لاءِ روهڙي جنڪشن جو دورو ڪندي. هن ٽيم ۾ وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جا سينيئر آفيسر شامل آهن، جن ۾ سکر ريجنل آفيس جو سربراهه بہ شامل هوندو. وفاقي محتسب پاران تشڪيل ڏنل اها ٽيم اسٽيشن جو موقعي تي معائنو ڪندي ۽ پنهنجي جامع رپورٽ سڌو وفاقي محتسب کي پيش ڪندي تہ جيئن ضروري اصلاحي قدم کنيا وڃن. هي قدم وفاقي محتسب جي ان عزم جو اظهار آهي تہ قومي ادارن ۾ جوابدهي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ عوام کي بهتر سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ موثر قدم کنيا وڃن.